SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 1974

SINDH ACT NO.XIX OF 1974

سنڌ ڪورٽ آف وارڊز (ترميم) ايڪٽ، 1974

THE SINDH COURT OF WARDS (AMENDMENT) ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ 1 مجريه 1905 جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act 1 of 1905

سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 1974
SINDH ACT NO.XIX OF 1974
سنڌ ڪورٽ آف وارڊز (ترميم)
ايڪٽ، 1974
THE SINDH COURT OF

WARDS (AMENDMENT) ACT, 1974

[9 نومبر 1974]

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ ڪورٽ آف وارڊز ايڪٽ 1905 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ ڪورٽ آف وارڊز ايڪٽ 1905 ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

ان کي هن طرح نافذ ڪيو ويندو.

1. (1) هن کي سنڌ ڪورٽ آف وارڊز (ترميم) ايڪٽ، 1974 چيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ 1 مجريه 1905 جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act 1 of 1905

2. سنڌ ڪورٽ آف وارڊز ايڪٽ، 1905 ۾ دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) ۾ موجود شرطيه جملي کي هيٺ ڄاڻايل ريت تبدل ڪيو ويندو، يعني:

"بشرطيڪ زمين جو مالڪ (Land-Holder) يا پينشن وٺندڙ (Pension-Holder) جيڪو دفعه 5 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (b) ۽ (c) تحت نااهل (Disqualified) ٿيو هجي ته اهڙو تصور (Assumption) تڏهن ڪيو ويندو جڏهن صوبائي حڪومت ان خيال جي هوندي ته اهو عمل عوامي مفاد ۾ انتهائي ضروري آهي ته اهڙي زمين جي مالڪ (Land-Holder) يا پينشن ڪٽندڙ (Pension-Holder) جي خاندان جي فائدي لاءِ آهي ۽ ان صورت ۾ ته ڄاڻايل جائيداد ڪورٽ آف وارڊز ان جائداد معاشي انتظام (Economic Management) رکڻ ممڪن آهي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.